# سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريه 2003

# SINDH ORDINANCE NO.I OF 2003

# سنڌ (ڪنهن به زمين مان معدنيات سميت ريتي (واري) ۽ بجري کڻڻ تي پابندي) آرڊيننس، 2003

# THE SINDH (PROHIBITION OF TAKING MINERALS INCLUDING RETI (SAND) AND BAJRI FROM ANY LAND) ORDINANCE, 2003

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1.مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2.وصفون

Definitions

3.معدنيات سميت ريتي (واري) ۽ بجري کڻڻ لاءِ رجسٽريشن

Registration on taking minerals' including

4.سزا

Punishment

5.ازالو

Cognizance

6.چوٹ

Indemnity

7.قاعدا

Rules

# سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريہ 2003

# SINDH ORDINANCE NO.I OF 2003

# سنڌ (ڪنهن بہ زمين مان معدنيات سميت ريتي (واري) ۽ بجري ڪڍڻ تي پابندي) آرڊيننس، 2003

# THE SINDH (PROHIBITION OF TAKING MINERALS INCLUDING RETI (SAND) AND BAJRI FROM ANY LAND) ORDINANCE, 2003

[10 مئي 2003]

آرڊيننس جنهن ذريعي ڪنهن بہ زمين مان ڪوٺائي يا بي صورت ۾ سنڌ صوبي ۾ معدنيات سميت ريتي (واري) ۽ بجري ڪڍڻ تي پابندي لاڳو ڪئي وئي آهي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ ڪنهن بہ زمين مان ڪوٺائي يا بي صورت ۾ سنڌ صوبي ۾ معدنيات سميت ريتي (واري) ۽ بجري ڪڍڻ تي پابندي لاڳو ڪرڻ ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن

لاءِ قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي،

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن کي نظر ۾ رکندي فوري قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوري پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ڪندي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1)هن آرڊيننس کي سنڌ جي ڪنهن به زمين مان معدنيات سميت ريتي (واري) ۽ بجري کڻڻ تي پابندي آرڊيننس، 2003 سڏيو ويندو.

(2)هيءُ في الفور نافذالعمل ٿيندو.

وصفون
Definitions

2.هن آرڊيننس ۾ جيستائين ڪجھ مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نه هجي، تيستائين:

(a) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(b)"زمين" مطلب پاڻي جي هيٺيان زمين ۽ زمين جي زير زمين شامل آهي؛ ۽

(c) "قاعدا" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدا.

معدنيات سميت ريتي (واري) ۽ بجري کڻڻ لاءِ رجسٽريشن
Registration on

3.سواءِ حڪومت جي اڳواٽ اجازت جي يا ڪنهن به اٿارٽي يا آفيسر جي، ان حوالي سان بااختيار ڪو به ماڻهو ڪنهن به زمين مان کوٽائي يا ٻي صورت ۾ معدنيات سميت ريتي

(واري) ۾ بجري نہ ڪڍندو.

taking mierals including

**سزا**
**Punishment**

4.جيڪو بہ هن ايڪٽ جي ڪنهن بہ شقن جي خلاف ورزي ڪندو، ان کي ڪنوينشن تي سزا ڏني ويندي.

(a) پهرين سزا جي صورت ۾ قيد جيڪا ٽن مهينن تائين ٿي سگهي ٿي ۽ ڏنڊ ڏهہ هزار رپين کان وڌيڪ نہ هجي.

(b) بعد ۾ ڪنهن بہ سزا جي صورت ۾ قيد جي سزا جيڪا هڪ سال تائين وڌي سگهي ٿي ۽ ڏنڊ ويهہ هزار رپين کان وڌيڪ نہ هجي.

**ازالو**
**Cognizance**

5.ڪا بہ عدالت هن آرڊيننس تحت ڪنهن بہ ڏوهہ جو نوٽيس نہ وٺندي، سواءِ حڪومت طرفان اختيار ڪيل آفيسر جي لکت شڪايت جي.

**ڇوٽ**
**Indemnity**

6.ڪنهن بہ شخص طرفان هن آرڊيننس تحت نيڪ نيتي سان ڪجهہ ڪرڻ يا ڪرڻ جي ارادي تي سندس خلاف ڪو بہ مقدمو يا ٻي قانوني ڪارروائي نہ ڪئي ويندي.

**قاعدا**
**Rules**

7.حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن جاري ڪري سگهي ٿي تہ هن آرڊيننس جي مقصدن کي پورو ڪرڻ لاءِ ضابطا ناهيا وڃن.

**نوٽ:آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**